# عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

# ۽ محبتِ الٰهي



29-July-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

29 جولاءِ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ محبتِ الٰهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ..محبتِ اِلٰهي جون فضيلتون
- ...حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي قبولِ اسلام جي حڪايت
- ...حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ ذوقِ عبادت ۽ تلاوت
- ...حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ شهادت جو منتظر
- ...محبتِ اِلٰهي ڪيئن حاصل ڪجي...؟

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بيانا تِ دعوتِ اسلامي)
**ترجمو**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، **اِنْ شَآءَ الله**! شيطان کان به حفاظت ٿيندي، گُناهن کان به محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن به مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري وٺو! ان جا به 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو ته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پڙهي سينگاريو! بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ، قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو. (جامِعْ صَغِير، حرف: زاء، صفحه:280، حديث:4580)

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے | ہو الٰہی! مرا شِعَار درود

(ذوقِ نعت، صفحه:124)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تَدْخُلُ صَاحِبَهَاالْجَنَّةَ سٺي نيت انسان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. (جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان بچندس ❖ خوب توجھ سان بيان ٻڌندس❖ بيان ٻڌي اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

صحابي رسول، حضرت اَنس بِن مالِڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، جانِ جان ۽ جانِ ايمان، رسولِ ذيشان، سلطان عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيْهِ ٽي اهڙيون صفتون آهن، جنهن شخص ۾ به هونديون اهو ايمان جي مناس ماڻيندو: (1): ان کي هر شيءِ کان وڌيڪ الله پاڪ ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت هجي (2): جنهن سان به محبت ڪري، صِرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ محبت ڪري (3): مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر ڪفر ڏانهن وڃڻ کي ايئن ناپسند ڪري جيئن باھ ۾ وڌو وڃڻ کي ناپسند ڪري ٿو. (بخاری، كِتَابُ الاِيمان، باب: حَلاوةُ الاِيمان، صفحہ:74، حديث:16)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اهي ٽي صفتون آهن: پنهنجي جان مال، آل اولاد وغيره هر شيءِ کان وڌيڪ الله پاڪ سان، ان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ، ان کان عِلاوه جنهن سان به محبت هجي، مثال طور ان کي پنهنجي استاد سان محبت آهي، پير صاحب سان محبت آهي، والدين سان محبت آهي، اَولاد سان محبت آهي مطلب ته جنهن سان به محبت هجي، دُنيا جي لاءِ نه

هجي بلڪ الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ محبت هجي ۽ ٽيون وَصف اهو ته ڪفر سان اهڙي نفرت ڪرڻ جيئن باهه ۾ ڪرڻ کان نفرت ڪئي ويندي آهي، اهي ٽي صِفتون جنهن خوش نصيب کي ملي وڃن، اهو ايمان جي لذّت حاصِل ڪري وٺندو آهي ۽ جنهن کي اِيمان جي لذّت نصيب ٿي وڃي ان جا ته ڇڻ ڀاڳ کلي ويندا آهن، جنهن کي اِيمان جي لذّت نصيب ٿي وڃي ان کي عبادت جو شوق ملي ويندو آهي، جنهن کي اِيمان جي لذّت ملي وڃي اهو ڪامِل مومن بڻجي ويندو آهي، جنهن کي ايمان جي لذّت ملي وڃي اهو وڏيون وڏيون مشڪلاتون خوشي خوشي سان برداشت ڪري ويندو آهي، ان جي لاءِ ڪا مشڪل، مشڪل ناهي رهندي، ڏسو! امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ميدانِ ڪربلا ۾ 3 ڏينهن بُکايل اُڃايل رهيا، پنهنجو خاندان، 72 جانيون قربان ڪيون، ننڍڙو شهزادو حضرت علي اَصغر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به شهيد ٿي ويو، آخر ۾ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پاڻ به شهيد ٿي ويا پر زبان مان اُف تائين نه نڪتو، ذرّي برابر به ناشڪري نه ڪئي، الله پاڪ کان ڪنهن قسم جي شڪوه ڪانه ڪئي... اهو سڀ ڇا هو؟ اها اِيمان جي طاقت هئي، اها اِيمان جي لذّت ۽ حلاوت هئي، خواجه سِرّي سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 98 سال دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، سڪرات جي وقت کان ِعِلاوه ڪنهن پاڻ کي ڪڏهن ليٽيل نه ڏٺو، هميشه عبادت ڪندا هئا. محمد جريري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ سال مڪهءِ مڪرمه ۾ رهيا، نه اُٿي سُتا، نه ٽيلهه سڌي ڪئي، نه پير ڊگهيڙيا، فجر نماز پڙهي ذِڪرُ الله شروع ڪندا هئا، ظهر ٿي ويندي هئي، ظهر کان پوءِ ٻيهر ذِڪرِ الٰهي ۾ مَصرُوف ٿيندا هئا، ايستائين جو عصر ٿي ويندي هئي، عصر کان مغرب تائين، مغرب کان عشاء تائين، عشاء کان وري فجر تائين ويني ذِڪرُ الله ئي ڪندا هئا، حضرت ابوبڪر عياش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو 30 هزار ڀيرا سوره اخلاص پڙهندا هئا، روزانو 500 نفل پڙهندا هئا، ڏينهن ۾ ڪيئي ڪيئي ختمِ قرآن ڪندا هئا. امام اعظم، امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال عشاء جي وُضو سان فجر جي نماز ادا ڪئي، هر رات ٻن رڪعتن ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا. (جواہِرُ البيان، صفحه:32-33)

الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي اهڙي همت، اها طاقت، عبادت ۾ اهڙي استقامت..! اهو ڇا آهي؟ اها ايمان جي طاقت آهي، اها ايمان جي لذّت ۽ حلاوت آهي، جيڪا انهن نيڪ بزرگن کي حاصل هئي، اها لذَّت ڪيئن ملندي آهي؟ اسان حديثِ پاڪ ٻڌي ته جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪامِل محبت ڪري، ڪنهن جي محبت کي ان محبت تي ترجيح نه ڏي، ڪفر کان نفرت ڪري، ان کي ايمان جي لذَّت نصيب ٿي ويندي آهي.

محبت میں اپنی گما یاالٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مست و بےخُود میں تیری وِلا میں | پلا جام ایسا پلا یاالٰہی
مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مِٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، صفحہ:105)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# محبت جو حقدار صِرف الله پاڪ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو الله پاڪ جي ۽ ان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت تمام ڪمالات جي اَصل آهي، ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي **محبت** ملي وڃي، ان جي دِل پاڪ ٿي ويندي آهي، ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي **محبت** ملي وڃي ان جو ايمان مضبوط ٿي ويندو آهي، ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي محبت نصيب ٿي وڃي ان کي عبادت ۾ لذّت نصيب ٿي ويندي آهي، ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي محبت ملي وڃي ان کي آخرت جو فِڪر ملي ويندو آهي ۽ ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي محبت ملي وڃي ان کي تاج ۽ تخت ۽ حڪومت جي لالچ ناهي

رهندي، ❖ جنهن کي الله ۽ رسول جي **محبت** ملي وڃي اهو بَس الله پاڪ جي ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا جو طلب گار بڻجي ويندو آهي.

چشمِ تَر اور قلبِ مضطر دے | اپنی اُلفت کی مے پلا یاربّ!

(وسائلِ بخشش، صفحہ:79)

اي عاشقانِ رسول! حديثِ پاڪ مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ اَصل محبت صِرف الله پاڪ جي آهي، ان کان سِواءِ جنهن سان بہ محبت ڪئي ويندي صِرف الله جي رِضا جي لاءِ ڪئي ويندي. امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ احياءالعلوم ۾ تحقيق ڪئي آهي تہ محبت جو حقدار صِرف ۽ صِرف الله پاڪ آهي. بعض نادان جيڪي چوَن ٿا تہ عِشقِ مجازي يعني گُناهن ڀريو دُنياوي عشق ”عشقِ حقيقي“ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي، اهي نادان سخت خطا تي آهن، والِدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: شَرِيعت ۾ غَيرُ الله جي اِڳيان ڪنڌ جهڪائڻ منع آهي تہ پوءِ غَيرُ الله جي لاءِ دِل جهڪائڻ ڪيئن دُرُست ٿي سگهي ٿو؟ (اَنوارِ جمالِ مصطفےٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ، صفحہ:413 ملتقطًا)

ها! محبتِ مصطفيٰ، غَيرُ الله جي محبت نہ آهي بلڪ محبتِ اِلٰهي ئي آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن کي محبتِ مصطفيٰ نصيب نہ هجي، اهو ڪڏهن بہ محبتِ اِلٰهي حاصِل نٿو ڪري سگهي. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| قُلۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوۡنِىۡ يُحۡبِبۡكُمُ اللّٰهُ (پاره3،سورةآل عمران:31) | ترجموڪنزالايمان: اي محبوب! تون فرماءِ تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله کي دوست رکو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار ٿي وڃو الله توهان کي دوست رکندو. |

حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ سان محبت ڪيو جو هو توهان کي نعمتون عطا فرمائي ٿو ۽ الله پاڪ جي محبت جي لاءِ مون سان محبت ڪيو ۽ منهنجي

محبت جي لاءِ منهنجي اهل بيت سان محبت ڪيو. هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ جنهن منهنجي صحابہ سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي، جنهن منهنجي صحابہ سان بُغض رکيو، ان مون سان بغض رکيو.

مُفَسِّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي محبت جي لاءِ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ضروري آهي ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت جي لاءِ حُضُور جي سيني اصحابن سان، حُضُور جي اَهلِ بيت، اَولادِ پاڪ ۽ اَزواجِ مطهرات سان محبت لازم ۽ ضروري آهي، اهي تمام محبتون ايمان ۾ داخِل بلڪ عينِ ايمان **(يعني ايمان جو بنياد)** آهن. (تفسير نعيمی، پاره:2، سورۂ بقره، زيرِ آيت:165، جلد:2، صفحہ:137)

محمد کی محبت دینِ حق کی شرطِ اَوَّل ہے | اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! 18 ذُوالحج اسلام جي ٽئين خليفي، اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي عُرسِ مبارڪ جو ڏينهن آهي، الحمد لله! حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه الله پاڪ سان بي پناه محبت ڪرڻ وارا هئا. اچو! حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سيرتِ پاڪ جي روشني ۾ ڏسون ٿا تہ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارن جو اندازِ زِندگي ڪيئن هوندو آهي، انهن جون ڪهڙيون وصفون هونديون آهن، اهڙي طرح ذِڪرِ عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جون برڪتون بہ نصيب ٿي وينديون ۽ گڏوگڏ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارن جا ڪجھ انداز ۽ اَوصَاف بہ سکڻ لاءِ ملي ويندا.

## عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جو مختصر تعارُف

❖ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه صحابي رسول آهن ❖ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پڦيء سائڻ حضرت اُمّ حڪيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا ڏوهٽا آهن يا ايئن ڪٽي چئجي تہ ڪجھ پري جي رشتي ۾ مالِڪ جنّت، قاسِمِ

نعمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا پاٽيجا آهن ❖ سابقينِ اَوَّلِين مان آهن يعني شروع ئي ۾ اسلام قبول ڪري اسلام جي دامن ۾ داخِل ٿي ويا هئا، اسلام قبول ڪرڻ ۾ سندن چوٿون يا پنجون نمبر آهي، ❖ عشره مبشره (يعني زبانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان جنّت جي بشارت ماڻڻ وارن 10 صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان) مان آهن ❖ سرڪار اعظم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان ايتري محبت ڪندا هئا جو پاڻ هڪ، هڪ ڪري پنهنجون ٻه شهزاديون حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نِڪاح ۾ ڏنيون. (نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544، خلاصۃً) اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ انهيءَ طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا | ہو مُبارک تُم کو ذُو النُّورَین جوڑا نُور کا

(حدائقِ بخشش، صفحہ:246)

❖ حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ مون ڪي وَحي فرمائي ته مان پنهنجي ٻن نياڻين جو نِڪاح عثمان سان ڪيان. (معجم الاوسط، جلد:2، صفحہ:346، حديث:3501) ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جيڪڏهن منهنجون سؤ نياڻيون هجن ها، انهن مان هڪ جي وفات ٿئي ها ته مان ٻي عثمان جي نِڪاح ۾ ڏيان ها، ان جو انتقال ٿئي ها ته مان ٽئين عثمان جي نِڪاح ۾ ڏيان ها، ايستائين جو مان پنهنجون 100 جون 100 شهزاديون هڪ هڪ ڪري عثمان جي نِڪاح ۾ ڏئي ڇڏيان ها. (ڪنزُ العُمال، ڪتاب:الفضائل، جلد:7، جُز:13، صفحہ:21، حديث:36201) ❖ مولاءِ ڪائنات، موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي باري ۾ سُوال ٿيو ته فرمايائون: عثمان اهي آهن جو انهن کي ملائڪ "ذُوالنُّورَين" چوندا آهن، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا نياٽا آهن، پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن کي جنّت جي بشارت ڏني. (رياض النضرۃ،مناقب :عثمان بن عفان، اسمہ و ڪنيت، جز:3، صفحہ:6) ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: عثمان ڪيترو ڀلو انسان آهي! منهنجو داماد آهي، منهنجي ٻن نياڻين جو مڙس آهي، الله پاڪ هن ۾ منهنجو نُور جمع فرمايو آهي. (روض الفائق، مجلس:ثالث والخمسون، مناقب الخفاء، صفحہ:313)

نبی کے نور دو لے کر وہ ذو النورین کہلائے | انہیں حاصل ہوئی یوں قربتِ محبوبِ رحمانی
(وسائل بخشش، صفحہ:584)

❖ اسلام جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شهادت کان بعد مسلمانن جي ڪثرتِ راءِ سان **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ خليفو مقرر ٿيو، 12 سال تائين خليفا رهيا، 18 ذو الحجہ 35 سن هجري جو 40 ڏينهن بُکايل اُڃايل رهي ڪري نهايت مظلوميت سان شهيد ڪيا ويا. (نزہۃ القاری، جلد:1، صفحہ:544۔کراماتِ عثمان غنی، صفحہ:3)

## "قبولِ حق" محبتِ اِلٰهي جي لاءِ پهريون شرط آهي

**اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اسلام قبول ڪرڻ کان پهريان جي ڳالهه آهي، هڪ رات گهر تشريف آندائون ته ڏٺائون ته سندن ماسي حضرت سُعْدیٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہا گهر آيل آهن، ماسيءَ **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ڏسي فرمايو: اي عثمان! مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ نبي آهن، جن کي اللّٰه پاڪ بُرهان (يعني دليل) ڏئي موڪليو ۽ دِينِ حق سان مَبعُوث فرمايو آهي، سندن فرمانبرداري ڪر.

ماسيءَ **حضرت عثمان** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي سمجهائيندي دِينِ اسلام جي سچائي جي باري ۾ ٻيون به ڳالهيون ارشاد فرمايون، **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ماسيءَ جون ڳالهيون منهنجي دِل ۾ ويهي ويون، هاڻي مان ان بابت سوچ ويچار ڪرڻ لڳس. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ منهنجا دَوست هئا، مان انهن وٽ ويس، اتفاق سان ان وقت حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ اڪيلا ئي هئا، مان اجا تائين ماسيءَ جي ڳالهين جي باري ۾ غور و فڪر ڪري رهيو هيس، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ مون کي سوچ ۾ گُم ڏسي ان جو سبب پڇيو ته مون ماسيءَ جون سيئي ڳالهيون حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ٻڌايون، منهنجون ڳالهيون ٻُڌي ڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن فرمايو: عثمان! توهان ته سمجهدار آهيو، توهان تي حق ڪيئن پوشيده رهجي ويو...؟

پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه مون کي اسلام جي باري ۾ ٻڌايو، ڪفر ۽ شرڪ جي نحوست سان آگاهه ڪندي چيائين: **عثمان! اوهان جي ماسيءَ سچ چيو آهي، واقعي مُحَمَّد بن عبد الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **الله پاڪ جا سچا رسول آهن**، الله پاڪ سندن کي رِسالت جو تاج پارائي سڀني مخلوق جي هدايت جي لاءِ موڪليو آهي، اي عثمان! توهان پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي سندن ڪلام ڇو نٿا ٻڌو؟

حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي ترغيب تي **حضرت عثمانِ غني** رضي الله عنه بارگاهه رسالت ۾ حاضِر ٿيڻ جي حامي ڀري ورتي پر قسمت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو، حضرت عثمانِ غني ۽ ابو بڪر صديق رضي الله عنهما **اجا اهي ڳالهيون** ڪري ئي رهيا هئا ته ٻنهي جهانن جا تاجدار، رسولن جا سالار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويجهو کان گذريا، **جڏهن** پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **حضرت عثمانِ غني** رضي الله عنه کي ڏٺو ته ويجهو اچي فرمايائون: يَا عُثْمَانُ! اَجِبِ اللهَ اِلٰى جَنَّتِهٖ، فَاِنِّيْ رَسُوْلُ اللهِ اِلَيْكَ وَاِلٰى خَلْقِهٖ يعني اي عثمان! جَنّت جي طرف الله پاڪ (گهرائي ٿو، ان) جي دعوت تي لبيڪ چئو...!! بيشڪ مان توهان ۽ تمام مخلوق ڏانهن الله جو رسول آهيان.

مڪي آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان نڪتل خوشبودار ڪلام تاثِير جو تِير بڻجي حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه جي دِل ۾ لهي ويو، حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه فرمائن ٿا: **مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو پاڪيزه ڪلام ٻُڌي مان پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيس ۽ سندن تي فدا ٿيڻ لڳس ۽ مون يڪلم سچي دِل سان چيو.** (رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:الرابع، جز:3، صفحہ:8-9خلاصةً):

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

اللہ سے کیا پیار ہے عثمانِ غنی کا | محبوبِ خُدا یار ہے عثمانِ غنی کا
گرمی پہ یہ بازار ہے عثمانِ غنی کا | اللہ خریدار ہے عثمانِ غنی کا

(ذوقِ نعت، صفحہ:80)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت ۾ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي اسلام قبول ڪرڻ جو بيان آهي، هڪ اَهم مدني گل جيڪو هن حڪايت مان سکڻ لاءِ مليو اهو هي آهي ته جنهن شخص جي دِل اللّٰه پاڪ جي محبت جي اهل هوندي آهي، جنهن جي دِل محبتِ اِلٰهي لائق هوندي آهي اهو ٻانهو ضِدّي ناهي هوندو، هٺ ڌرمي ڪرڻ وارو ناهي هوندو، غلطي تي قائم رهڻ وارو ناهي هوندو بلڪ اهو حق ڳالهه کي قبول ڪرڻ ۾ جلدي ڪرڻ وارو هوندو آهي، غور فرمايو! جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي اسلام ۽ اسلام جي سچائي جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته پاڻ ان جي باري ۾ غور و فڪر ڪري حق ڳالهه کي قبول ڪيائون ۽ يڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

هاڻي ان جي اُبتڙ غور ڪريو! جڏهن حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ايمان قبول ڪيو هو، انهيءَ زماني ۾ ڪيترائي اهڙا ڪافِر هئا مثال طور ابوجهل هو، عُتبه شيبه هو، ابولهب هو، انهن ڪافِرن کي چند ڀيرا ٽڪرا ڪري ڏيکاريو ويو هو، پٿرن ڪلمو پڙهيو، وڻن انهن جي موجودگي ۾ سلامي ڏني، غيب جون خبرون ٻڌايون ويون، قرآني آيتون پڙهي ٻڌايون ويون، وڏا وڏا معجزا انهن کي ڏيکاريا ويا پر اُنهن بدبختن حق ڳالهه کي قبول نه ڪيو، نه ڪلمو پڙهيو، نه مسلمان ٿيا، انهن ڪافِرن کي نه اللّٰه پاڪ جي محبت نصيب ٿي، نه اللّٰه جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت مان حِصو مليو، اهي ڪافِر هئا، ڪافِر ئي رهيا، ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي مريا ۽ واصِلِ جهنّم ٿي ويا.

معلوم ٿيو جيڪو حق ڳالهه کي قبول ڪرڻ وارو نه آهي، ان کي محبت اِلٰهي ملڻ ته سخت دُشوار بلڪ ناممڪن آهي. شيخ شهابُ الدّين سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **محبت جي لاءِ توبه شرط آهي.** وڌيڪ فرمائن ٿا: **محبت جو مقام نُورِ يقين جي غلبي سان حاصِل ٿيندو آهي.** (عَوارِفُ المعارف، صفحہ:717-719)

معلوم ٿيو جنهن ٻانهي جي دِل ۾ نُورِ يقين ناهي، جيڪو وڏا وڏا معجزا ڏسي ڪري، چنڊ جا ٻه ٽڪرا ٿيندي ڏسي ڪري، وڻن کي هلندو ڏسي، پٿرن کي

ڪلمو پڙهندي ڏسي ڪري بہ مَعَاذَ الله! ان کي جادُوگري چئي ڇڏيندو آهي، جيڪو پنهنجي اَندر غور ناهي ڪندو، جيڪو پنهنجا عيب ناهي سڃاڻندو، جيڪو توبہ ناهي ڪندو، جيڪو ڪفر کي ناهي ڇڏيندو، جيڪو شِرڪ کي ناهي ڇڏيندو، جيڪو ضِد ڪندو آهي، جيڪو هٺ ڌرمي ڪندو آهي، حق ڳالهہ کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي ٿيندو، اهو ٻانهو ڪڏهن بہ محبتِ اِلٰهي جي نعمت حاصِل ناهي ڪري سگهندو. ها! جيڪو حق ڳالهہ قُبُول ڪندو آهي، جيڪو حق جي سامهون جهڪندو آهي، جيڪو دِينِ حق جو ڪلمو پڙهندو آهي، جيڪو اِيمان قبول ڪندو آهي، صِرف اهو ئي الله پاڪ سان محبت ڪري سگهي ٿو ۽ اهو الله پاڪ سان ڪهڙي محبت ڪندو آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِؕ (پاره2،سورة البقرة:165) | ترجموڪنزالايمان: ۽ ايمان وارن کي الله جي برابر ڪنهن جي محبت نہ آهي |

قُوتُ القُلُوب ۾ آهي: **هر مؤمن الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو آهي،** البتہ هر هڪ جي محبت ان جي اِيمان جي پختگي جي مطابق گهٽ يا وڌ ٿيندي آهي.

(قوت القلوب، ذکر احکام المحبۃ، جلد:2، صفحہ: 82)

| | |
|---|---|
| مٹ جائے یہ خُودی تو وہ جلوہ کہاں نہیں | دردا میں آپ اپنی نظر کا حجاب ہوں |

**وضاحت:** يعني اسان جي خود پرستي، خود پسندي، غرور ۽ تڪبر ختم ٿي وڃي تہ الله پاڪ جي قدرتن جا جلوا هر پاسي آهن، هاءِ افسوس! اسان پاڻ پنهنجي ئي اکين جو پردو آهيون، ڇوتہ پنهنجي خود پرستي، غرور ۽ تڪبر جي ڪري الله پاڪ جي قدرتن جا نظارا نٿا ڪري سگهون.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# رِضاءِ الٰهي جي لاءِ بيقرار رهڻ

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ بيمار ٿي پيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ڪي ساڻ وٺي سندن تيمار داري جي لاءِ ويا تہ ڏٺائون تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ چهرو زمين ڏانهن ڪري ليٽيل هئا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عثمان! ڇا ٿيو، پنهنجو مٿو مٿي ڇو نٿا ڪڍو؟ عرض ڪيائين: **يارسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! **مون کي الله پاڪ کان حياءُ اچي ٿو.** سرڪارِ عالي، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇو حياءُ اچي ٿو؟ عرض ڪيائين: **يارَسُول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! **مان ڊڄان ٿو تہ ڪٿي منهنجو پاڪ پروردگار مون کان ناراض نہ ٿي ويو هجي...!!**(رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:20)

الله اڪبر! الله اڪبر! **اي عاشقانِ رسول ! حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کو گُناهہ جو ڪم نہ ڪيو هو، الله پاڪ جي ناراضي وارو ڪو ڪم نہ ٿيو هو، پر جيڪو سچو عاشِق هوندو آهي، ان کي بَس هر وقت اهو خوف رهندو آهي تہ ڪٿي منهنجو محبوب مون کان ناراض نہ ٿي وڃي، **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي بہ اهڙي طرح خوف هو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ زمين ڏانهن چهرو ڪري سِتل هئا، مٿو مٿي نہ کڻيائون، جڻ پنهنجي طَور تي شرمساري جو اِظهار ڪري رهيا هئا تہ افسوس! منهنجو رَبّ مون کان ناراض تہ نہ ٿي ويو. جڏهن سلطانِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پياري صحابي **حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ڳالهہ ٻُڌي تہ فرمايائون: عثمان! هي جبريل عَلَیْہِ السَّلَام آهي، مون کي خبر ڏئي رهيو آهي تہ توهان آسمان وارن جا ۽ زمين وارن جا نُور ۽ جنّت وارن جا چراغ آهيو.

(رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:20)

| | |
|---|---|
| جو دِل کو ضیا دے جو مقدر کو جِلا دے | وہ جلوۂ دیدار ہے عثمانِ غنی کا |
| جس آئینہ میں نُورِ اِلٰہی نظر آئے | وہ آئینہ رُخسار ہے عثمان غنی کا |

**اي عاشقانِ رسول!** اندازو ڪريو! اهي آهن الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارن جون ڪيفيتون...! جيڪو واقعي محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو هن ڳالهه کان ڊڄندو آهي ته ڪٿي منهنجو محبوب مون کان ناراض نه ٿي وڃي، ڪٿي مان پنهنجي محبوب کان پري نه ٿي وڃان، ڪٿي منهنجو محبوب مون کي ڌڪاري نه ڇڏي. هاڻي اهي نادان جيڪي محبتِ اِلٰهي جون وڏيون دعوائون ڪندا آهن پر الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارن ڪمن ۾ دلير هوندا آهن، نمازون قضا ڪندا آهن ، روزا ناهن رکندا، صدقو خيرات ناهن ڏيندا، عورتن جيان وڏا وڏا وار رکي وينا آهن، نشو ۽ بيون شيون مثال طور پنگ وغيره پئي رهيا آهن ۽ دعويٰ ڪن ٿا ته اسان عشق وارا آهيون، اسان کي الله پاڪ سان محبت آهي. جيڪڏهن انهن کي نيڪي جي دعوت ڏني وڃي، نماز پڙهڻ جي دعوت ڏني وڃي، گُناهه ڇڏڻ جي، رب کي ناراض ڪرڻ وارا ڪم ڇڏڻ جي دعوت ڏني وڃي ته وڏي جرئت سان چوندا آهن: ادا! نمازون توهان پڙهو! اسان ته پهتل آهيون.

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله! محبتِ اِلٰهي جي دعوٰي...! ڪم الله پاڪ کي ناراض ڪرڻ وارا ۽ ان تي اهڙي جاهلاڻه جرئت...!! نماز الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضِري آهي، نماز الله پاڪ کان جڻ ملاقات آهي، نمازي نماز پڙهندي جڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجون التجائون پيش ڪري رهيو هوندو آهي، ڇا ڪو اهڙو به محبت ڪرڻ وارو آهي جيڪو پنهنجي محبوب سان ملڻ پسند نه ڪندو هجي، جڏهن محبوب سان ملڻ جو وقت اچي ته چوي: مان پهتل آهيان، مون کي محبوب سان ملاقات جي حاجت نه آهي؟ حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سچ چيو ته "ها! هو پهتل آهي پر ڪٿي؟ دوزَخ ۾. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿۹۹﴾

(پاره:14، سورۀ حِجر:99)

ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي ربّ جي عبادت ڪندو رهه مرڻ جي گهڙي اچڻ تائين.

معلوم ٿيو تہ ڪو جتي چاهي پهتل هجي هو جيستائين زِندهہ آهي، عقل سلامت آهي، ان وقت تائين عِبادت کان آزاد نہ آهي. باقِي رهيو اهڙن نادانن جي **محبتِ اِلٰهي** جي دعويٰ ڪرڻ تہ ڪجهہ صُوفي سڳورن رحمۃ اللہ علیہم "محبتِ اِلٰهي" جي تعريف ئي هيءَ ڪئي آهي: مُوَاطَاَةُ الْقَلْبِ لِمُرَادَاتِ الرَّبِّ **الله** پاڪ جي مَرضِي جي سامهون دِل کي وِڇائي ڇڏڻ. (رسالہ قشيريہ، صفحہ:350)

خبر پئي جيڪو بانهو الله پاڪ جي احڪامن اڳيان، الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن اڳيان، الله پاڪ جي مَرضِي اڳيان پنهنجو پاڻ کي جهڪائي ناهي ڇڏيندو، اهو اڃا **محبتِ اِلٰهي** جي ميم تائين بہ ناهي پهچي سگهيو. حقيقت ۾ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو اهو ئي آهي جيڪو الله پاڪ جي رِضا جو طلب گار آهي، الله پاڪ جي ناراضي کان ڊڄي ٿو، جيڪڏهن ان کان ڪو گُناهہ ٿي بہ وڃي تہ جلدي تَوبہ ڪري ٿو، الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ جي فِڪر ۾ رهي ٿو. ڪاش! **حضرت عثمانِ غني** رضي الله عنه جي صدقي ۾ اسان کي بہ توفيق ملي وڃي، اسان بہ الله پاڪ جي رِضا جا تمنائي ٿي وڃون. افسوس! اسان کي دُنيا جي ڳڻتي رهندي آهي، ڪاروبار جو فِڪر، نوڪري جو فِڪر، پيسن جو فِڪر، امتحانات جو فِڪر، ڪائڻ جو فِڪر، پيئڻ جو فِڪر، پائڻ جو فِڪر، بَس هر وقت دُنيا ئي جا فِڪر، انهن ۾ جڪڙيل رهون ٿا، ناهي هوندو تہ بس جنّت ۾ وڃڻ جو فڪر ناهي هوندو، جهنّم کان بچڻ جو فِڪر ناهي هوندو، اِيمان بچائڻ جو فِڪر ناهي هوندو، الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ جو فِڪر ناهي هوندو، ڪاش! **حضرت عثمانِ غني** رضي الله عنه جي صدقي محبتِ اِلٰهي نصيب ٿي وڃي، اسان بہ الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ ۽ ان جي ناراضي کان بچڻ جي لاءِ فِڪر مند رهڻ وارا بڻجي وڃون.

شيخ طريقت، امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه جي ننڍپڻ شريف جي ڳالهہ آهي تہ هڪ پيري سندن پيڻ ڪنهن ڳالهہ تي چئي ڇڏيو: **الياس!** توهان کي الله پاڪ ماريندو (يعني سزا ڏيندو). توڙي جو ان وقت امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليه تمام ننڍي عمر جا

هئا پر پيڻ جي اها ڳالهه ٻڌندي ئي ڏڄي ويا ۽ اصرار ڪري پيڻ کي باربار چيائون: چئو! الله پاڪ مون کي نہ ماريندو، چئو! الله پاڪ مون کي نہ ماريندو. نيٺ پيڻ کان اهو چورائي ئي پوءِ خاموش ٿيا. (تعارف امير اہلسنت، صفحہ:28)

اچو! گڏجي دُعا گهرون ٿا:

| | |
|---|---|
| مُعاف فضل و کرم سے ہو ہر خطا یارَبّ | ہو مَغْفِرت پئے سلطانِ انبیاء یارَبّ |
| نبی کا صدقہ سدا کے لئے تُو راضی ہو | کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخُدا یارَبّ |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# قرآنِ پاڪ جي محبت، عبادت ۾ لذت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سيپاري: 23، سوره زُمَر، آيت نمبر 9 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّ قَآىٕمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَ يَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ؕ (پاره23،سورة الزمر:9) | **ترجموڪنزالايمان:** ڇا اهو جنهن گذاريون فرمانبرداريءَ ۾ رات جون گهڙيون سجدي ۽ قيام ۾ آخرت کان ڊڄندي ۽ پنهنجي رب جي رحمت ۾ اميد رکندي. |

هڪ قول مُطابق اها آيت سڳوري اسلام جي ٽئين خليفي، اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي شان ۾ نازِل ٿي.(صِراطُ الجنان، پاره:23، الزمر، تحت الآيہ:9، جلد:8، صفحہ:438-439ماخوذاً) ۽ هن آيت ۾ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جون ٽي صِفتون بيان ٿيون آهن: (1): حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه رات جو گهڻو سجدا ڪرڻ وارا، نمازون پڙهندڙ آهن (2): حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه آخرت جو گهڻو خوف رکندڙ آهن (3): حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه الله پاڪ جي رحمت مان وڏي اُمّيد رکندڙ آهن.

حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زوجهءِ محترمہ فرمائن ٿيون: حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ هڪ رڪعت ۾ سڄي قرآن جي

تلاوت ڪندا هئا. (الزہد امام احمد، زُہد:عثمان بن عفان، صفحہ:105، حدیث:673)

حضرت زُبَير بن عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هميشہ روزو رکندا هئا، ابتدائي رات ۾ ڪجھ دير آرام ڪندا، پوءِ سڄي رات عبادت ۾ گذاريندا هئا. (مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب:صلاۃ التطوع، باب :بقیام اللیل، جلد:2، صفحہ:173، حدیث:6) حضرت عبد الرحمٰن تيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ رات مان ڪعبي شريف جي ويجهو هيس، مون عشاء جي نماز پڙهي، پوءِ مقامِ ابراهيم وٽ ويهي رهيس، ايتري ۾ اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آيا ۽ سوره فاتحہ کان قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪئي ۽ تلاوت ڪندا ويا ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سڄو قرآنِ ڪريم مڪمل ختم ڪري ورتو. (زُہد لابن المبارک، باب:فضل ذکر اللہ، صفحہ:452، حدیث:1276خلاصۃً)

اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ صحابہ و اَهلِ بيت! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ الله پاڪ سان بي پناھ محبت ڪرڻ وارا آهن، سندن ذوقِ عِبَادت، ذوقِ تِلاوت ۽ ذوقِ نماز مان معلوم ٿيو ❖ جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو ڪثرَت سان عِبَادت ڪندو آهي، ❖ جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو فرض نمازن سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ڪثرت ڪندو آهي، ❖ جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو روزا بہ ڪثرت سان رکندو آهي ۽ ❖ جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو تِلاوتِ قرآن جو تہ تمام گهڻو شوقين هوندو آهي ڇوتہ قرآنِ ڪريم الله پاڪ جو ڪلام آهي ۽ اهو عاشِق ئي ڪهڙو آهي جنهن کي محبوب جي ڪلام سان اُلفت نہ هجي...! صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو اهو ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ سندس دِل ۾ الله پاڪ جي ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت آهي يا نہ، اهو ڏسي تہ قرآنِ مجيد سان محبت ڪري ٿو يا نہ، جيڪڏهن ان جي دِل ۾ قرآنِ مجيد جي محبت آهي تہ سمجهي ونو تہ هو الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪري ٿو. (کِتَابُ الشِّفَا،جزء:2، صفحہ:24)

الله پاڪ اسان کي بہ محبتِ اِلٰهي نصيب فرمائي ۽ ڪاش! اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي صدقي قرآنِ ڪريم جي محبت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان بہ ڏينهن رات قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## رِضاءِ اِلٰهي جي طلب ۾ مالي قرباني

سيپاري: 3، سوره بقره، آيت: 262 ۾ ارشاد آهي:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾

(پاره3،سورة البقرة:262)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ ڏني پنيان نہ ٿورو جاڻائين ۽ نہ تڪليف ڏين انهن جو اجورو سندن ربّ وٽ آهي ۽ انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم.

مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: اها آيتِ ڪريمہ اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي حق ۾ ۽ حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْه جي حق ۾ نازِل ٿي، هن آيت سڳوري جي مُطابق حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه اها وڏي رتبي واري هستي آهن جيڪي راهِ خُدا ۾ دِل کولي مال خرچ ڪندا آهن پر خرچ ڪرڻ کان پوءِ نہ تہ احسان جاڻائن ٿا ۽ جنهن تي مال خرچ ڪن ان کي تڪليف بہ نٿا پهچائن بلڪ "نيڪي ڪري وساري ڇڏڻ" وارو معاملو آهي جو راهِ خُدا ۾ خرچ ڪري جڻ ان کي وساري ڇڏين ٿا، ڪو دُنياوي فائدو نٿا چاهن بَس الله پاڪ جي رِضا جا طلب گار رهن ٿا.

سُبحٰنَ الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** اندازو ڪريو! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪيڏي ڪمال درجي جا سخي آهن جو سندن سخاوت جو

تذڪرو الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي رهيو آهي، روايتن مطابق ❖ جڏهن مسلمان هجرت ڪري مديني پاڪ آيا، اتي پاڻي جي ضرورت پئي، هڪ ئي مٺي پاڻي جو کوهه هو جيڪو ڪنهن يهودي جو هو، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه اهو کوهه خريدي مسلمانن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، ان وقت مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کين جنّت جي بشارت ڏني. (رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:17) ❖ هڪ ڀيري مسجدِ نبوي شريف کي ڪشادو ڪرڻ جي لاءِ زمين جي ضرورت پئي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه 20 هزار يا 25 هزار دِرهم (يعني چاندي جي سِڪن) جي عيوض زمين خريد ڪري مسجدِ نبوي شريف جي لاءِ پيش ڪئي، ان وقت بہ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کين جنّت جي بشارت عطا فرمائي (رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:18) ❖ مولاءِ ڪائنات، مولا علي رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، مسجدِ حرام شريف جتي ڪعبو شريف آهي، هڪ ڀيرو ان مسجد کي وسيع ڪرڻ جي لاءِ جڳهہ جي ضرورت پئي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه 10 هزار دِينار (يعني سون جي سڪن) جي بدلي هڪ گهر خريد ڪري مسجد جي لاءِ وَقف ڪري ڇڏيو، ان وقت بہ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي جنّت جي بشارت عطا فرمائي (رياض النضرة، الباب:الثالث، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:20) ❖ غزوه تبوڪ جي موقعي تي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه 950 اُٺ ۽ 50 گهوڙا ساز ۽ سامان سميت حاضِر ڪيا، (مرآة المناجيح، جلد:8، صفحہ:395) بلڪ هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ غزوهءِ تبوڪ جي موقعي تي 950 اُٺ ۽ هڪ هزار 50 گهوڙا (ڪل 2000 اُٺ ۽ گهوڙا) پيش ڪيا، 10 هزار اشرفيون پيش ڪيون ۽ بعد ۾ 10 هزار دِينار (سون جا سِڪا) مزيد حاضِر ڪيا، ان وقت بہ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْه کي جنّت جي بشارت ڏني. (رياض النضرة، فصل:السادس، جز:3، صفحہ:16، مرآة المناجيح، جلد:8،صفحہ:395)

| | |
|---|---|
| خلق پہ لطفِ خُدا حضرت عثمان ہیں | جملہ مرض کی دوا، درد کے درمان ہیں |
| بابِ سخا کھل گیا، دیکھا جو یہ ماجرا | غازیانِ مصطفیٰ بےسرو سامان ہیں |

پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي سيرتِ پاڪ جي هن پهلو مان معلوم ٿيو جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو الله پاڪ جي راهه ۾ قرباني پيش ڪرڻ کان ڪڏهن به پوئتي ناهي رهندو بلڪ دِل کولي سخاوت ڪندو آهي، الله پاڪ جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي ۽ ان مال خرچ ڪرڻ سان ان جو مقصد ڏيکاءُ ناهي هوندو، اهو ٻين کي ڏيکارڻ جي لاءِ، پنهنجي ساراهه ٻڌڻ جي لاءِ، مال خرچ ناهي ڪندو، جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو پنهنجي سخاوت جون تصويرون اخبارن ۾ ڇپرائي، سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري غريبن جي عزَّت جو جنازو ناهي ڪيندو بلڪ جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو هر ڪم صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ ڪندو آهي، ان جو مطلوب، ان جي منزل ۽ مقصد صرف هڪ هوندو آهي: ۽ اهو آهي صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رِضا. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ<br>(پاره:10، سورة توبه:72) | ترجموڪنزالايمان: ۽ الله جي رضا سڀ کان وڏي آهي. |

تاج و تخت و حکومت مت دے    کثرتِ مال و دولت مت دے

اپنی رِضا کا دے دے مژدہ    یااللہ میری جھولی بھر دے

## محبوب سان ملاقات جي لاءِ بيتابي

حضرت سهل بن سعد رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ، حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنھم اهي چار اعليٰ رُتبي وارا، اُحُد جبل تي هئا، اوچتو اُحُد جبل لُڏڻ لڳو.

بلڪ عاشق تہ چوندا آهن، اُحُد جبل چوتہ حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪري ٿو، ان ڪري اُحُد خوشي مان جهومڻ لڳو، ان تي ٻنهي جهانن جي مالِڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي اُحُد! بيهي رهہ...!! توتي هڪ نبي، هڪ صديق ۽ ٻہ شهيد آهن. اهو ٻڌندي ئي اُحد جبل يڪدم بيهي رهيو. (بُخاری، کتاب:فضائل اصحاب النبی، صفحہ:932، حدیث:3675)

سُبحٰنَ الله! مالِڪ ۽ مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اختيار ڏسو جو جبلن تي حڪم نافِذ آهي ۽ عِلمِ غيب جو شان بہ ڏسو تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ۽ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه اڃا زِندهہ آهن، حُضور سرورِ عالم، نور مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ دُنياوي حياتي سان موجود آهن، ڪيئي سالن کان پوءِ انهن کي شهيد ٿيڻو هو پر غيب ڄاڻڻ واري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پهريان کان ئي معلوم هو تہ عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بہ شهيد ٿيندا ۽ عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بہ شهيد ٿيندا.

فقيہِ مِلّت مفتي جلال الدين امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي چڱي طرح معلوم هو تہ ندِي جو وهندڙ پاڻي رُڪجي سگهي ٿو، جبل پنهنجي جڳهہ تان هٽي سگهي ٿو پر الله پاڪ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان ڪڏهن بہ نہ ٿو بدلجي سگهي، ان ڪري حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي پورو يقين هو تہ حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو آهي تہ هاڻي لازمي مون کي شهادت جو رُتبو ملندو، ان ڪري پاڻ سڄي زِندگي پنهنجي شهادت جي انتظار ۾ رهيا ۽ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي شهادت جو اهو انتظار ڪرڻ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بيان فرمايو آهي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ۽ ٻين صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ﳲ (پاره21،سورةالاحزاب:23) | ترجموڪنزالايمان: پوءِ انهن مان ڪي پنهنجي نذر (مڃتا) پوري ڪري چڪا ۽ ڪو انتظار پيو ڪري. |

يعني حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه ۽ ڪجھ ٻيا صحابي سڳورا اهي آهن جيڪي شهيد ٿي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضِري جو بي چيني سان انتظار ڪري رهيا آهن. (خطبات محرم، صفحہ:154ملتقطاً) سُبحٰنَ الله! حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه جو ڇا ته شان آهي...! پاڻ رضي الله عنه شهادت جو انتظار ڪري رهيا هئا، اها ڳالهه به الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بيان فرمائي.

سخن آکر یہاں عطار کا اِتمام کو پہنچا | تِری عظمت پہ ناطق اب بھی ہیں آیاتِ قرآنی

(وسائلِ بخشش، صفحہ:585)

خير! 18 ذوالحجة الحرام، 35 سِنِ هجري جو 82 سالن جي عمر مبارڪ ۾ حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه جو اهو انتظار ختم ٿيو، پاڻ رضي الله عنه ڪي مسلمانن جو خليفو مقرر ٿيندي 12 سال گذري چڪا هئا، مِصر جي ڪجھ ماڻهن بغاوت ڪئي ۽ ناحق سندن گهر مبارڪ جو گهيراؤ ڪيو، حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه اَمِيرُ المُؤمِنِين هئا، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان ڪين عرض به ڪيو ته اسان کي اجازت ڏيو اسان تلوار جي زَور سان انهن باغين کي هٿان پري ڀڄايون ٿا پر اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه خون خرابو پسند نہ ڪيو ۽ صَبر ڪندا رهيا. (ڪرامات عثمان غنی، صفحہ:14،3) آخرڪار باغين 40 ڏينهن سندن مبارڪ گهر جو گهيراؤ جاري رکيو، 40 ڏينهن تائين پاڻ رضي الله عنه بکيا پياسا رهيا، 40 ڏينهن پاڻ رضي الله عنه روزا رکندا رهيا ۽ آخرڪار ظلم ۽ ستم سهندي، جامِ شهادت نوش فرمايائون، آخري وقت به پاڻ رضي الله عنه قرآنِ ڪريم جي تلاوت ۾ مَصرُوف هئا.

رکھا محصور ان کو، بند ان پر کر دیا پانی | شہادت حضرت عثمان کی بےشک ہے لاثانی
خُدا بھی اور نبی بھی، خود علی اس سے ہیں ناراض | عَدُو اُن کا اُٹھائے گا قیامت میں پریشانی

(وسائلِ بخشش، صفحہ:584)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** عثمانِ غني رضي الله عنه جي سيرت جي هن پهلو مان معلوم ٿيو ته جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو الله پاڪ جي بارگاهه

۾ حاضِري جو، الله پاڪ سان ملاقات جو گهڻو شوق رکندو آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللهِ اَحَبَّ اللهُ لِقَائَهٗ جيڪو الله پاڪ سان ملاقات جو شوق رکي ٿو، الله پاڪ ان سان ملاقات کي پسند فرمائي ٿو.

مُفَسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ ۾ الله پاڪ جي ملاقات مان مراد موت آهي ڇوته موت ئي الله پاڪ سان ملاقات جو ذريعو آهي پر الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪرڻ جي اها معنيٰ نه آهي ته پانهو موت جي آرزو ڪري، مرڻ جون دُعائون گهري، اهو منع آهي، الله پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي ته انسان دُنيا ۾ دِل نه لڳائي، آخرت جي تياري ڪري، هر وقت الله پاڪ جي رِضا وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رهي، اهڙي پانهي کي الله پاڪ پسند فرمائي ٿو، ان جي زِندگي به الله پاڪ کي پياري آهي ۽ ان جو موت به الله پاڪ کي پيارو آهي.

معلوم ٿيو: الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضِري جو شوق هئڻ يعني دُنيا ۾ دِل نه لڳائڻ، آخرت کي پسند ڪرڻ، الله پاڪ جو ديدار هن دُنيا ۾ نٿو ٿي سگهي، صِرف مرڻ کان پوءِ، قيامت جي ڏينهن ۽ جنّت ئي ۾ نصيب ٿيندو، ان ڪري الله پاڪ جي ديدار جي لاءِ تڙپڻ، مچلڻ، الله پاڪ جي ديدار جو شوقين هئڻ، بَس انهيءَ شوق ۾ پاڻ کي گُناهن کان بچائي رکڻ، الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رهڻ ته جيئن جنّت ۾ داخِلا ملي ۽ الله پاڪ جي ديدار جو شَرف حاصِل ٿي وڃي، اهو شوق انهيءَ کي نصيب ٿيندو آهي جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارو هوندو آهي.

## محبتِ اِلٰهي ماڻڻ جا نسخا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان الله پاڪ جي محبت جون فضيلتون ٻڌيون، الله پاڪ سان محبت ڪرڻ واري هڪ نيڪ شخص حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرتِ پاڪ جا ڪجهه پهلو ٻُڌا، ڪيتري فخر لائق سيرت آهي، اها "محبتِ اِلٰهي

اسان کي ڪيئن حاصل ٿيندي؟ اهو اَهم سوال آهي، ان جي جواب جي لاءِ والدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خُلاصو پڙهو! فرمائن ٿا: اَصل ۾ محبت ڪسبي ناهي، يعني اسان پاڻ محنت ڪري محبت حاصِل نٿا ڪري سگهون، اها الله پاڪ جي عطا آهي، الله پاڪ جنهن کي چاهي نصيب فرمائي ٿو، ها! اها ڳالهه طئي آهي ته دِل جي صفائي جي بغير اها دولت هٿ ناهي ايندي، لهٰذا جيڪو **محبتِ اِلٰهي** جو طلب گار آهي، پهريان پنهنجي دِل کي باطني بيمارين کان پاڪ ڪري، پوءِ الله پاڪ چاهيو ته ان کي پنهنجي محبت سان نوازي ڇڏيندو.

والدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: 9 شيون آهن، جيڪي محبتِ اِلٰهي حاصِل ڪرڻ ۾ مددگار آهن: (1): هميشه باوُضُو رهڻ جو ان سان دِل روشن ٿئي ٿي. (2): خلوت (يعني گوشه نشيني، اڪيلائي) جو خلوت جي مدد سان بانهو دُنياوي مشغوليات کان فارِغ ٿي ويندو آهي، هن سان حوَّاس خاموش ٿي ويندا آهن، يڪسوئي سان الله پاڪ کي ياد ڪرڻ جو، دِل ۽ دماغ حاضِر رکي الله پاڪ ڏانهن متوجهه ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو، خاص ڪري جيڪڏهن انڌيري گهر ۾ هجي ته خلوت جو گهڻو فائدو ٿيندو آهي، جيڪو اونداهي ۾ نه ويهي سگهي، ان کي گهرجي ته پنهنجي مٿي تي ڪپڙو وجهي ۽ اکيون بند ڪري وٺي، هيئن تنهائي ۾ ويهي الله پاڪ کي ياد ڪري. (3): سُڪوت يعني خاموشي، ڇو ته خاموشي سان عقل روشن ٿئي ٿو، سمجهڻ جي ۽ ياد رکڻ جي قوَّت مضبوط ٿيندي آهي (4): بُک (يعني گهٽ کائڻ)، (5):بيداري (يعني گهٽ سمهڻ)، (6): نفيءِ خواطِر: يعني دِل کي فضول فڪر ۽ خيالن کان پاڪ رکڻ (7): هر حال ۾ رضاءِ اِلٰهي تي راضي رهڻ (8): فڪرِ سالم: يعني شرعِي اُصُولن جي مطابق الله پاڪ جي نعمتن، ان جي قدرتن وغيره ۾ غور ڪرڻ (9): ذِڪرِ دائِم يعني هميشه الله پاڪ جي ذِڪر ۾ مَصرُوف رهڻ. اهي 9 ڪم جيڪو شخص پابندي ۽ استقامت سان ڪري، الله پاڪ جي رحمت مان اُمّيد آهي ته ان کي الله پاڪ جي محبت نصيب ٿي ويندي. اِن شَآءَ الله الڪرِيم!

الفت کی بھیک دے دو، دیتا ہوں واسطہ میں | صدیق کا عمر کا، عثمان کا علی کا
(وسائلِ بخشش، صفحہ:178)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

**اي عاشقانِ رسول!** نيڪ بڻجڻ، گُنَاهن کان بچڻ ۽ ان ذريعي سان الله پاڪ جي محبت ماڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفر ڪرڻ جو معمول بڻايو، ان جي برڪت سان اِن شَآءَالله الڪرِيم! عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي، عِلمِ دين سکڻ نصيب ٿيندو، نيڪيون ڪرڻ، گُنَاهن کان بچڻ جو ذِهن بڻجندو ۽ سڀ کان اَهم ڳالهه اها ته سُنَّتِ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام يعني نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو.

## گُنَاهن کان ڇوٽڪارو ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گُنَاهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هيس، شراب پيئڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ، نمازون قضا ڪرڻ منهنجو معمول هو، هڪ ڀيري منهنجي پاڙيجي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏني، مان ٽارئيندو رهيس پر ان همت نه هاري ۽ مسلسل دعوت ڏيندو رهيو، نيٺ هڪ ڀيري مان مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس، مدني قافلي دوران نيڪي جي دعوت، سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جو موقعو مليو، پڻ شيخ طريقت، امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مختلف رسالا پڙهڻ بہ نصيب ٿيا، بس انهن سيني شين جو مون تي اهڙو اَثر ٿيو جو دِل ۾ انقلاب برپا ٿي ويو، مون گُناهن کان سچي پڪي توبہ ڪئي، شراب ڇڏي، نمازون پڙهڻ لڳس ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻجي ويس، الحمد لله! مدني قافلي جي برڪت سان مون ڏاڙهي شريف رکي، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو، هاڻي مان هڪ مسجد جو

مؤذن آهيان ۽ پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪندو آهيان. (شرابی مؤذن کیسے بنا؟، صفحہ:15)

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم، چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ”ماهوار فيضانِ مدينه“ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهنامه فيضان مدينه (*Mahnama Faizan e Madina*). هن ايپليڪيشن ۾ هن وقت تائين جارِي ٿيندڙ سمورا ماهوار رسالا *PDF* جي صُورت ۾ موجود آهن، ان کان عِلاوه ❖ تمام ماهوار مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ❖ سهولت جي لاءِ سرچ آپشن به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره تلاش به ڪري سگهجي ٿو. اوهان به اها ايپلي ڪيشن پنهنجي اِسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت هجي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث: 220)

سنَّت کے مطابق میں ہر اِک کام کروں کاش! | تُو پیکرِ سنَّت مجھے اللہ بنا دے

## ”مظلوم جي مدد ڪرڻ“سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جيڪو ڪنهن مظلوم جي فرياد رسي ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ 73 مغفرتون لکندو، انهن مان هڪ سان ان جي تمام ڪمن جي درستي ٿي ويندي ۽ 72 مان قيامت واري ڏينهن ان جا درجا بلند ٿيندا. (شُعبُ الاِيمان، باب: التعاون على البر، جلد:6، صفحہ:120، حديث:7670)

اي عاشقانِ رسول! مظلوم جي مدد ڪرڻ سنّتِ مصطفيٰ آهي ❖ اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مظلومن جي مدد ڪندا هئا ۽ ظالمن کان مظلومن کي حق ڏياريندا هئا ❖ جيڪو به فرياد ڪٺي ايندو هو ان جي فرياد رسي ڪندا هئا، هڪ ڀيرو هڪ يتيم حاضِر ٿي شڪايت ڪئي ته ابوجهل منهنجي مال تي قبضو ڪري ورتو آهي، توڙي جو ابوجهل سخت دشمنِ مصطفيٰ هو پر مظلومن جي آقا، بيڪسن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ابوجهل کان ان يتيم جو مال وٺي يتيم جي حوالي ڪيو. (سيرة الحلبيہ، باب: عرض قريش، جلد:1، صفحہ: 445) ❖ هڪ ڀيري هڪ اُٺ روئي بارگاهِ رسالت ۾ فرياد ڪيو ته رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُٺ جي مالڪ کي گهرائي ان کي پورو چارو کارائڻ ۽ وزن گهٽ رکڻ جي تلقين فرمائي.(ابو داؤد، ڪتاب:الجہاد، صفحہ:408، حديث:2549)

مجھ سے بے کَس کی دولت پہ لاکھوں درود | مجھ سے بے بَس کی قُوَّت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت:** يعني مان غريب آهيان، منهنجي دولت بنهي جهانن جا تاجدار، محبوبِ پروردگار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهن، مان بيوس آهيان ۽ مون کي سهارو ڏيڻ وارا منهنجا آقا ۽ موليٰ مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهن.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد